# سرسوتي

جي پهرين
ساهت بورڊ ڪرفيو
پبليڪيشن - حيدرآباد

## هن مالها جا موتي:

پنهنجي پاران - آڳند ۲
ناٽڪ: سنڌ آڪين ۾ ۲۲
گلاب کوڙ ترندا آهن - انڙ ۳
مضمون: اردو ادب
ڪرنل طاهر جو خط ۹
ترجمو: احمد شورو
تعارف: ڪوي ۲۰
انٽرويو - ليليئم جيمينز ترجمو: خواجا اسلم ۱۲
ڪهاڻي: ڪرفيو - رحمت الله ماڃوٺي ۱۶
تاريخ: محمد طور غلام حسين ڳگريز ۳۵

## شاعري

• امرتا پريتم • موهن سنگهه
• اڪبر سومرو • نور محمد سومرو • فاعل ٽالپر
• مانجهي • حسن درس • مظهر لغاري
• سارنگ ميمڻ • وشنداس
• رمضان شورو • شڪور سارنگ
• ڪوي ٽاني ۾
آڪاش انصاري

• سهڙيندڙ:-
- اثر

• پيشڪش:-
- مانجهي
- احسان جمالي
- فهميده حيرادار

• سرڪيوليشن:-
- چنيسر خان سولنگي

• ڪئليگرافي ۽ لي آئوٽ:-
محمد علي سهتو

• ڇپيندڙ:-
شهتي پرنٽرس
الهندو ڪمپ
حيدرآباد

ملهه
۷ روپيا

